# دين جي مالي خدمت جا
# فضائل

31-October-2024




هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنَّتن ڀريو بيان

(for Islamic Brothers)

31 آڪٽوبر 2024ء (بمطابق: 27 ربيع الآخر 1446هجري) تي پاڪستان جي

هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# دين جي مالي خدمت جا فضائل

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگھندؤ...

✿... طالبِ علم جي مالي خدمت جي فضيلت

✿... هڪ انوکي تجارت

✿... هڪ لک جي بدلي ۾ 20 لک

✿... صديقِ اڪبر رضي الله عنه سيني کان افضل ڪيئن؟

✿...سيني کان طاقتور شيءِ

پيشڪش

اَلـمَدِيـنَةُ الـعِلـمِيه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

اربعينِ عطار قسط: 2، صفحو: 6، حديث نمبر 7 آهي:

فرمانِ مصطفيٰ صلّى الله عليه وآله وسلّم: اِنِّيۡ رَاَيۡتُ الۡبَارِحَةَ عَجَبًا وَرَاَيۡتُ رَجُلًا مِنۡ اُمَّتِيۡ يَزۡحَفُ عَلَى الصِّرَاطِ مَرَّةً وَيَجۡثُوۡ مَرَّةً فَجَاءَتۡهُ صَلَاتُهُ عَلَيَّ فَاَخَذَتۡ بِيَدِهٖ فَاَقَامَتۡهُ عَلَى الصِّرَاطِ حَتّٰى جَاوَزَ.[1]

ترجمو: مان گذريل رات عجيب واقعو ڏٺو: منهنجو هڪ اُمّتي پلصراط تي ڪڏهن گهلجي رهيو آهي ۽ ڪڏهن گوڏن پر هلي رهيو هو، ايتري ۾ اهو درود آيو جيڪو هن مون تي پڙهيو هو، اُن درود اچي سندس هٿ پڪڙيو، ڪيس پل صراط تي بيهاريو، ايتري تائين جو هن پل صراط پار ڪري ورتو.

شرحِ حديثِ: درودِ پاڪ ان ڪي پلصراط پار ڪرائي جنّت ۾ وني ويو.[2]

---

[1]... معجم ڪبير 25 / 282 ، حديث : 39 ملتقطاً.
[2]... التيسير بشرح جامع الصغير 1 / 370 .

سَلِّم سَلِّم کی ڈھارس سے | پُل پر ہم کو چلاتے یہ ہیں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

حديثِ حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري ونون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ❁رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس❁اَدَب سان ويهندس ❁بيان دوران سُستي کان بچندس❁پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس❁جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## 18 ماڻهو مسلمان ٿي ويا

حضرت محمد بن جَرِير رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: اسان ڪجھ دوست ملي ڪري علمِ دين سکڻ جي لاءِ سفر تي نڪتاسين. هڪ شهر ۾ پهتاسين، اتي علمِ دين سکڻ ۾ مصروف ٿي وياسين. هڪ عرصو اُتي گذاريو، ان دوران اسان وٽان اخراجات ختم ٿي ويا. اسان دوستن ارادو ڪيو تہ هلو! واپس گھر هلون ٿا (اخراجات ڪٺي واپس ايندا سين) اڃان اسان ارادو ڪري رهيا هئاسين تہ هڪ غير مسلم اسان وٽ

---

[1]...بخاری، کِتَاب بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حديث:1-

آيو، ان اسان سيني دوستن کي 3، 3، درهم ڏنا! ڪجھ اخراجات اچي ويا. ان کان پوءِ ان 40 پيرا اسان کي اهڙيءَ طرح درهم ڏنا! اسان ان کان پڇيو: توهان تہ غير مسلم آهيو، اوهان اسان کي هيءَ رقم ڇو ڏيو ٿا؟ ان چيو: مون تورات شريف ۾ پڙهيو آهي تہ سيني کان افضل صدقو اهو آهي جيڪو علمِ دين جي طالب کي ڏنو ويندو آهي. اسان وٽ (يعني اهل تورات ۾) تہ ڪوبہ هن طرح علمِ دين سکڻ ۾ مصروف نہ آهي، لهٰذا جڏهن مون توهان کي علمِ دين سکڻ ۾ مصروف ڏٺو تہ توهان تي ئي خرچ ڪيو تہ جيئن افضل صدقي جو ثواب ملي وڃي.

حضرت محمد بن جرير رحمۃُاللہِعلیہ فرمائن ٿا: اسان ان کي الوداع چيو. ان کان پوءِ هڪ پيرو اسان تمام دوست حج جي لاءِ مڪي شريف حاضر ٿياسين. ڏٺوسين تہ اهو ئي غير مُسلم ڪعبي شريف جو طواف ڪري رهيو آهي. اسان حيران ٿي پڇيو: اوهان تہ غير مُسلم هئا، اسلام ڪيئن قبول ڪيو؟ ان چيو: منهنجي قسمت جاڳي، خواب ۾ محبوبِ خُدا، مڪي مدني مصطفٰي صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم تشريف وٺي آيا ۽ فرمايائون: اوهان طالبِ علمن تي خرچ ڪيو، ان جي برڪت سان الله پاڪ اوهان کي اسلام جي توفيق بخشي ڇڏي آهي.

بَس اتان کان منهنجي قست جاڳي پئي ۽ مون انهيءَ وقت (خواب ۾ ئي) محبوبِ خُدا صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم جي هٿ مبارڪ تي اسلام قبول ڪري ورتو. وڏيڪ ڪرم هي ٿيو جو منهنجي گهر ۾ 17 ياتي هئا، ان رات سيني کي خواب ۾ پاڻ ڪريم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم جي زيارت نصيب ٿي، سڀ جا سڀ ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويا.(حکایات وقصص،ص:۲۰۱)

| | |
|---|---|
| دوعالم صدقہ پاتے ہیں مرے سرکار کے دَر کا | اسی سرکار سے ملتا ہے جو کچھ ہے مقدّر کا |
| بڑے دَربار میں پہنچایا مجھ کو میری قسمت نے | میں صدقے جاؤں کیا کہنا مرے اَچھے مقدّر کا[1] |

1...سامانِ بخشش، صفحہ:50۔

## طالبِ علمِ دين جي مالي خدمت ڪرڻ جي فضيلت

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڪيترو نرالو شان آهي. صدقو ڪرڻ جا ڪوڙ فضائل آهن، الله پاڪ جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ جا گھڻا فضائل آهن پر خاص طور ❁ جيڪي ماڻهو دين جي خدمت ۾ مصروف هجن ❁جيڪي علمِ دين سکڻ ۾ مصروف هجن ❁سيکارڻ ۾ مصروف هجن ❁جن پنهنجون زندگيون دين جي خدمت جي لاءِ وقف ڪري ڇڏيون آهن، ❁انهن تي صدقو ڪرڻ، انهن جي مالي خدمت ڪرڻ، ان جو شان ئي نرالو آهي. سيپارو: 3، سورت بقره ۾ صدقو ۽ خيرات جا احڪام، ان جا فضائل، ان جي متعلق تعليمات ڪي تفصيل سان ذڪر ڪيو ويو آهي، پوءِ هي صدقو ۽ خيرات ڏيڻو ڪنهن کي آهي؟ مالي خدمت ڪنهن جي ڪرڻي آهي؟ ان جا ڪيا بہ ڪوڙ مَصرف (خرچ ڪرڻ جون جايون) آهن پر ٽئين سيپاري ۾ ان جو هڪ خاص مَصرف (جتي خرچ ڪرڻ گھرجي ان کي) الله پاڪ ذڪر ڪيو، ارشاد ٿئي ٿو:

لِلْفُقَرَآءِ الَّذِيْنَ اُحْصِرُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ لَا يَسْتَطِيْعُوْنَ ضَرْبًا فِي الْاَرْضِ٘

ترجمو ڪنزُالعرفان: انهن فقيرن جي لاءِ جن کي الله جي رستي ۾ روڪيو ويو، اُهي زمين ۾ هلي ڦري نٿا سگهن.

تفسيرِ صراطُ الجنان ۾ آهي: هيءَ آيتِ ڪريمہ اهلِ صفہ جي حق ۾ نازل ٿي، انهن حضرات جي تعداد تقريباً 400 جي قريب هئي ❁اهي هجرت ڪري مديني پاڪ اچي ويا هئا ❁اتي نہ انهن جو گھر هو ❁نہ ڪو قبيلو هو ❁اهي سڄو وقت الله پاڪ جي عبادت ۾ گذاريندا هئا ❁ انهن جا صرف ٻہ ئي ڪم هئا (1): رات جو علمِ دين سکندا هئا (2): ڏينهن جو دين جي خدمت ڪندا هئا، تہ الله پاڪ فرمايو: **صدقو ۽ خيرات ۽ مالي خدمت جو بهترين مَصرف هي اهلِ صُفہ آهن، جن**

پاڻ کي دين جي خدمت جي لاءِ، علمِ دين سکڻ، سيکارڻ جي لاءِ وقف ڪري ڇڏيو آهي.[1]

عُلماءِ ڪرام فرمائن ٿا: ❁اهي مشائخ ❁اهي عُلماءِ ڪرام❁ علمِ دين جا طالب ❁ اهي مبلغين جن پاڻ کي خدمتِ دين جي لاءِ وقف ڪري ڇڏيو آهي، هو دين جي ڪمن ۾ ايترو مصروف ٿي ويا جو رزقِ حلال ڪمائڻ جو وقت ئي نٿو ملي، هي بہ اَهْلِ صُفَّہ جي صف ۾ شامل آهن. جيئن تہ الله پاڪ خاص طور تي اَهْلِ صُفَّہ جي مالي خدمت جو حڪم ڏنو آهي، ايئن ئي اڄوڪي دور جا عاشقانِ رسول جيڪي دين جي خدمت ۾ مصروف آهن، انهن جي مالي خدمت بہ ضروري آهي تہ جيئن هي بہ پوري طرح دين جي خدمت ۾ مصروف رهي سگهن.[2]

## خواب ۾ ديدارِ مصطفيٰ جو شرف

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪي ماڻهو دين اسلام جي خدمت ۾ مصروف آهن، انهن جي خدمت ڪرڻ جي هڪ فضيلت هيءَ بہ آهي تہ جيڪو هيءَ سعادت ماڻيندو آهي، ان سان محبوبِ خُدا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خوش ٿيندا آهن. اسان واقعو ٻڌو، ٻانهو غير مُسلم هو، ان علمِ دين جي طالبن جي مالي خدمت ڪئي، ان جي برڪت سان ان کي ۽ ان جي گهر جي 17 ماڻهن کي محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خواب ۾ پنهنجو ديدار بہ ڪرايو ۽ ڪلمو پڙهائي ڪري پنهنجي دامنِ رحمت ۾ لڪائي ورتو.

سُبۡحٰنَ الله! اسان بہ هي سعادت حاصل ڪريون، سندن ڪرم سان ڪهڙي ڳالهہ بعيد آهي، ڪهڙي خبر تہ اسان جي بہ قسمت جاڳي پئي، ڪڏهن اسان سمهون، مٿي جون اکيون بند ٿين ۽ دل جون اکيون کلي وڃن، ڪهڙي خبر! اسان کي بہ خواب ۾ ديدارِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سعادت نصيب ٿي وڃي.

---

[1] صراط الجنان،پاره :3 ، سورۃ بقره،زيرِ آيت :273، جلد:1، صفحہ:409مفصلاً۔
[2] صراط الجنان،پاره :3 ، سورۃ بقره،زيرِ آيت :273، جلد:1، صفحہ:409مفصلاً۔

# محمود غزنوي تي ڪرم ٿي ويو

ڪتابن ۾ لکيل آهي: سلطان محمود غزنوي رحمۃُاللہِ علیہ جيڪو پنهنجي دور جو تمام وڏو سلطان ۽ عاشقِ رسول هو. پاڻ ٽن ڳالهين جي حقيقت ڄاڻڻ جي جستجو ۾ هو (1): پهرين هي هئي ته محبوبِ ذيشان صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم جي هن فرمان: اَلْعُلَمَاءُ وَرَثَةُ الْأَنْبِيَاءِ (يعني عُلما نبين جا وارث آهن) مان ڪهڙا ماڻهو مراد آهن. (2): ٻئي ڳالهه هيءَ هئي ته ڇا منهنجي والد جو نالو سُبُڪْتُگِيْن ئي آهي يا مان ڪنهن ٻئي جو پٽ آهيان (3): ٽئين ڳالهه اها ڄاڻڻ چاهين پيا ته مان قيامت جي ڏينهن بخشيو ويندس يا نه. هڪ رات سلطان محمود غزنوي رحمۃُاللہِ علیہ پنهنجي لشڪر سان گڏ ڪٿي وڃي رهيا هئا، هڪ خادم چراغ کڻي ڪري اڳيان اڳيان هلي رهيو هو.

روشني پکڙيل ڏسي ڪري هڪ ماڻهو ڪتاب کڻي پنهنجي گهر کان ٻاهر آيو ۽ چراغ جي روشني ۾ ڪتاب پڙهڻ لڳو. سلطان سوچيو ته شايد هي ڪو عالمِ دين آهي ۽ هن جو احترام ڪندي لشڪر کي روڪي ڇڏيو ته جيئن هو آرام سان چراغ جي روشني ۾ مطالعو ڪري سگهي. مطالعو ختم ٿيڻ کان پوءِ جڏهن اهو صاحب پنهنجي گهر واپس هليو ويو تڏهن سلطان پنهنجي لشڪر سان گڏ اتان روانو ٿي ويو.

انهيءَ رات قسمت جو ستارو چمڪيو. رات جو جڏهن سلطان سمهي پيو ته نصيب جاڳي ويا. خواب ۾ ٻنهي جهانن جا سردار، مڪي مدني سرڪار صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم تشريف کڻي آيا. قربان وڃو! محبوبِ ڪريم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم هڪ ئي جملي ۾ فرمايو: "اي ناصرُ الدين سُبُڪْتُگِيْن جا پُٽ! منهنجي وارث (عالمِ دين) جي خدمت جي ڪري الله پاڪ توکي معاف ڪري ڇڏيو آهي.[1]

[1] قلادة النحر فی وفيات اعيان الدہر، جلد:3، صفحہ:358بتصرف

سُبْحٰنَ الله! چا تہ شان آهي منهنجي محبوب صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم جو...!! الحمد لله! الله پاڪ جي فضل سان پيارا محبوب صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم زنده بہ آهن، پنهنجي امت جي حالات بلڪ خيالات کان بہ واقف آهن، پاڻ سڳورا صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم هي بہ ڄاڻيندا هئا تہ محمود غزنوي هڪ عالمِ دين جي خدمت ڪئي آهي ۽ هي بہ ڄاڻيندا هئا تہ محمود غزنوي جي دل ۾ ٽن ڳالهين جي ڄاڻڻ جي جستجو آهي، جيئن تہ هڪ ئي جملي مبارڪ ۾ ٽنهي ڳالهين کي حل فرمائي ڇڏيائون: (1): فرمايائون: اي سُبڪتُگِين جا پٽ! ان مان سلطان کي معلوم ٿي ويو تہ مان واقعي سُبڪتُگِين جو پٽ آهيان. (2): پوءِ فرمايائون: تو منهنجي وارث جي خدمت ڪئي. ان مان سلطان کي معلوم ٿي ويو تہ عالم نبين جا وارث آهن، هيءَ حديث سچي آهي، ڪنهن جي هٿ نوڪي ناهي. (3): پوءِ فرمايائون: الله پاڪ توکي بخشي ڇڏيو، ان مان سلطان کي معلوم ٿي ويو تہ هُو بخشجي ويا آهن.

اُمّت کے حال سے وہ آگاہ ہر گھڑی ہیں | خوابوں میں آ رہے ہیں، بگڑی بنا رہے ہیں

سُبْحٰنَ الله! جيڪي محبوب خواب ۾ تشريف آڻي ڪري بہ اهڙو بيمثال ڪلام فرمائيندا آهن پوءِ انهن جي ڪلام جو چا تہ شان هوندو...!! اعليٰ حضرت رحمۃُ اللہ علیہ لکن ٿا:

میں نثار تیرے کلام پر ملی یُوں تو کس کو زباں نہیں

وہ سخن ہے جس میں سخن نہ ہو، وہ بیاں ہیں جس کا بیاں نہیں

وضاحت: يارسولَ صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم! بوليءَ جا ماهر ۽ قادر الڪلام تہ گهڻا آهن ۽ انهن جي ڪلام تي اعتراض ڪرڻ وارا بہ گهڻا آهن، پر مان توهان جي ڪلام تي، توهان جي بيان تي قربان وڃان، ان ڪلام تي نہ ڪو اعتراض ٿي سگهي ٿو، ۽ بيان تہ اهڙو آهي جو ان جو ڪو بہ جواب نٿو ٿي سگهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي به گهرجي ته دين جي مالي خدمت ڪندا ڪيون. ڪهڙي خبر اسان تي به ڪرم ٿي وڃي! ۽ جيڪڏهن دنيا ۾ اهڙو ڪرم نه به ٿيو، آخرت ته اڇڻي آهي، قبر ۾ ته لهڻو ئي لهڻو آهي، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! قبر ۽ آخرت ۾ ان جو اجر ۽ ثواب نصيب ٿي ويندو.

## وقت جي حاڪم علمِ دين طالبن کان معذرت ڪئي

حضرت ابو الحسن فَقِيہ رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: اسان مشهور مُحَدّث حضرت حسن بن سفيان رحمۃ اللہ علیہ جي خدمت ۾ رهندا هئاسين، هڪ ڀيرو پاڻ فرمايائون: جڏهن مون کي علمِ دين سکڻ جو شوق ٿيو، ان وقت مان نوجوان هيس، اسان ڪجهه دوست ملي ڪري علمِ دين حاصل ڪرڻ جي لاءِ مصر ڏانهن روانا ٿياسين، هاڻي اسان کي استاد ڳولهڻو هو، وڏي ڳولها کان پوءِ ان وقت جي وڏي محدث صاحب وٽ پهتاسين، اهي اسان کي روزانو حديثون لکرائيندا هئا.

اسان سيئي دوست هڪ مسجد ۾ رهندا هئاسين ❁پرديس هو ❁غربت هئي ❁تنگدستي هئي ❁ڪوبه اسان جي مشقتن ۽ تڪليفن کان واقف نه هو ❁اسان به ڪڏهن ڪنهن جي سامهون پنهنجون مشقتون ۽ تڪليفون ظاهر نه ڪيون هيون. هڪ ڀيري ايئن ٿيو جو اسان وٽ جيترا پيسا هئا، سڀ ختم ٿي ويا، فاقو شروع ٿي ويو، ايستائين جو اسان 3 ڏينهن ۽ 3 راتيون بُک تي گذاريون، بُک جي سبب ڪمزوري وڌي وئي، هلڻ ڦرڻ به مُشڪل ٿي ويو.

حضرت حَسن بن سفيان رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: انهيءَ بُکَ جي حالت ۾ چوٿون ڏينهن به اچي ويو، هاڻي ته ڪمزوري جي انتها ٿي چڪي هئي، جيئن ته مان مسجد جي هڪ ڪُنڊ ۾ ويس ۽ نماز پڙهڻ شروع ڪئي، نماز کان پوءِ مون دعا گهري، اڃان مان دعا کان فارغ به نه ٿيو هيس ته مسجد ۾ هڪ نوجوان داخل ٿيو، ان پڇيو: حسن بن سفيان ڪير آهي؟ مون چيو مان آهيان. نوجوان چيو: اسان جي شهر جي حاڪم طُولون اوهان جي لاءِ ڪاڏو موڪليو آهي.

مون حيران ٿي ڪري پڇيو: حاڪم کي اسان جي باري ۾ ڪيئن خبر پئي؟ اهو نوجوان چوڻ لڳو: مان خادم آهيان، اڄ صبح جو حاڪم مونکي گهرايو ۽ چيائين: فلاڻي پاڙي ۾ وڃ، اتي دين جا طالبِ علم آهن اهي ٽن (3) ڏينهن ۽ ٽن (3) راتين کان بکايل آهن، انهن کي کاڌو بہ پهچائي اچ ۽ ڪجهہ رقم بہ ڏئي اچ! ۽ ها! منهنجي طرف کان معافي بہ گهرجان تہ مونکي انهن جي حالت جي خبر نہ پئجي سگهي، سڀاڻي مان پاڻ انهن جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿي ڪري معافي وٺندس. اهو نوجوان چئي ٿو: شهر جي حاڪم جون هي ڳالهيون ٻڌي ڪري مون کي وڏي حيراني ٿي، مون پڇيو: سائين! آخر هن عنايت جو سبب ڇا آهي؟ حاڪم چوڻ لڳو: رات مان بستري تي سُتُس، اڃان اکيون بند ئي ٿيون هيون تہ مون خواب ۾ ڏٺو: هڪ گهوڙي سوار آهي، ان جي هٿ ۾ هڪ نيزو آهي، ان نيزي جو رخ منهنجي طرف ڪيو ۽ چيو: جلدي اٿو ۽ حسن بن سفيان ۽ انهن جي ساٿين جي مدد ڪيو! اهي علمِ دين جا مسافر آهن 3 ڏينهن ۽ 3 راتين کان بکايل آهن، تنهنجي شهر جي فلاڻي مسجد ۾ ترسيل آهن. حاڪم چيو: مان ان گهوڙي سوار کان پڇيو: اوهان ڪير آهيو” چيائين: مان اللّٰه پاڪ جو هڪ فرشتو آهيان ۽ توهان کي علمِ دين جي طالبن جي هن حالت بابت آگاهہ ڪرڻ آيو آهيان، هاڻي

دير نہ ڪيو! جلدي انهن جي خدمت جو انتظام ڪيو! ايترو چوڻ کان پوءِ اهو گهوڙي سوار منهنجي نظرن کان غائب ٿي ويو.[1]

## عُلماءِ ڪرام جي خدمت

حضرت عبدُ الله بن مبارڪ رحمۃ اللہ علیہ (جيڪي امام اعظم ابو حنيفہ جا خاص شاگرد ۽ فقہ حنفي جي امامن مان آهن) اهلِ علم ماڻهن سان خاص طور ڀلائي ڪندا هئا، انهن کي عرض ڪيو ويو: اوهان سيني سان هڪجهڙو معاملو ڇونہ ٿا رکو؟ فرمايائون: مان نبين سڳورن علیہم السلام (۽ صحابہ ڪرام رضی اللہ عنہم) کان پوءِ عالمن کان سواءِ ڪنهن جي مقام کي بُلند نہ ٿو سمجهان، هڪ بہ عالم جي توجهہ پنهنجي حاجتن جي ڪري هٽندي تہ اهو صحيح طريقي سان دين جي خدمت نہ ڪري سگهندو ۽ ديني تعليم تي ان جي درست توجهہ نہ ٿي سگهندي. لهٰذا انهن کي علمي خدمت جي لاءِ فارغ رکڻ افضل آهي.[2]

## هڪ انوکو واپار

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا هَلْ اَدُلُّكُمْ عَلٰى تِجَارَةٍ تُنْجِيْكُمْ مِّنْ عَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿۱۰﴾

(سيپارو: 28، سورة صف: 10)

ترجموڪنزالعرفان: اي ايمان وارؤ! ڇا مان توهان کي اهڙي واپار جي راهنمائي

---

[1] عُيُون الحکايات، حصہ اول، صفحہ:181تا184خلاصۃً

[2] مکاشفۃ القلوب ،باب فی فضل الصلاۃ و الزکاۃ،صفحہ:417

نہ ڪيان، جيڪو توهان کي دردناڪ عذاب کان بچائي.
(سيپارو: 28، سورة صف: 10)
هتي ڏسو! الله پاڪ واپار چيو. واپار ڇا هوندو آهي؟ خريد و فروخت کي واپار چوندا آهن. ڪجهه ڏيڻ ۽ بدلي ۾ ڪجهه وٺڻ، ان کي واپار چوندا آهن، هيءَ به ڪيڏي ڪرم نوازي آهي تہ الله پاڪ اسان سان معاملي کي واپار فرمايو. اسان وٽ پنهنجو آهي ئي ڇا...؟ ❁اسان کي پيدا ڪيو الله پاڪ ❁هٿ ڏنا الله پاڪ ❁ مال ڏنو الله پاڪ ❁توفيق بخشي الله پاڪ ❁ سڀ ڪجهه تہ الله پاڪ جو آهي ان جو ئي ڏنل آهي، پوءِ واپار ڇا جو...؟ پر ڪرم فرمايو، ارشاد ٿيو: اي ايمان وارؤ! توهان کي اهڙو واپار ٻڌايون، جيڪو توهان کي دردناڪ عذاب کان بچائي وٺندو.
هاڻي ٻڌندا! اهو انوکو واپار ڪهڙو آهي؟ ان واپار ۾ اسان کي ڇا ڪرڻو آهي؟ فرمايو:

تُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ وَ تُجَاهِدُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ بِاَمْوَالِكُمْ وَ اَنْفُسِكُمْ ؕ (سيپارو: 28، صف: 11)

ترجموڪنزالعرفان: توهان الله ۽ ان جي رسول تي ايمان رکو ۽ الله جي راهہ ۾ پنهنجن مالن ۽ جانن سان جهاد ڪريو.
يعني ان انوکي واپار ۾ اسان کي 2 ڪم ڪرڻا آهن: (1): الله ۽ رسول تي ايمان آڻڻو آهي. هيءَ نعمت تہ الحمد لله! اسان کي حاصل آهي. الله پاڪ جي فضل سان اسان الله پاڪ تي بہ ايمان رکندا آهيون، الله پاڪ اسان جو ايمان سلامت رکي.
(2): ٻيو ڪم ڪهڙو ڪرڻو آهي؟ دين جي مالي ۽ جاني خدمت ڪرڻي آهي جيترو ٿي سگهي دين جي خدمت جي لاءِ وقت بہ ڏيڻو آهي ۽ جيترو ٿي سگهي دين جي مالي خدمت بہ ڪرڻي آهي.
هتي هيءَ بہ هڪ پياري ۽ ايمان افروز ڳالهہ آهي. اسان مارڪيٽ ۾ وڃون، شين جي قيمت بہ مقرر هوندي آهي، هيءَ شيءِ ڪيتري جي آهي؟ 1000 روپين جي. هيءَ شيءِ ڪيتري جي آهي؟ 1500 روپين جي. هاڻي جنهن وٽ هزار، پندرهن

سو روپيہ آھن، اھو تہ شيءِ خريد ڪري وٺندو، جنھن وٽ ايتري رقم ناھي، سؤ روپيہ بہ گھٽ آھي، ان شيءِ ڪي بَس حسرت سان ڏسي ئي سگھي ٿو. اللّٰہ پاڪ جي ڪرم نوازي ڏسو! پھريان تہ ان ڪي واپار فرمايو، پوءِ قيمت جي ڪابہ قيد نہ لڳائي، جنھن جي ڪيسي ۾ 10 روپيہ آھن، اھو 10 روپين ڪان ھيءَ واپار ڪري سگھي ٿو، جنھن وٽ 100 روپيا آھن، اھو 100 روپين ڪان ھيءَ واپار ڪري سگھي ٿو، جنھن ڪي جيتري توفيق، جيتري ھمت، جيتري استطاعت، اوتري ئي خدمت ڪان ھيءَ واپار ڪري سگھجي ٿو.

اچو...!! ھاڻي اسان ھيءَ تجارت ڪيون ٿا، اسان دين جي مالي ۽ جاني خدمت ڪيون ٿا بدلي ۾ چا ملندو؟ 3 انعام ملندا:

## انوکي واپار جو پھريون انعام

فرمايو:

يَغۡفِرۡ لَكُمۡ ذُنُوۡبَكُمۡ (سيپارو: 28، سورة صف: 12)

ترجموڪنزالعرفان: ھو توھان جا گناھ بخشي ڇڏيندو.

ھي پھريون انعام آھي: جيڪو ٻانھو ھيءَ انوکو واپار ڪندو يعني دينِ اسلام جي مالي ۽ جاني خدمت ڪندو، ان ڪي پھريون انعام ھيءُ ملندو تہ ان جا گناھ معاف ڪيا ويندا.

ھي تمام وڏو انعام آھي. گناھ معاف ٿيڻ جو مطلب آھي جھنّم ڪان آزادي ملي وڃڻ. قيامت جي ڏينھن جڏھن اللّٰہ پاڪ جي بارگاھ ۾ حاضري ٿيندي، ھاءِ افسوس! ❁اھو 50 ھزار سال جو ڏينھن❁ قيامت جي گرمي ❁ميزان رکيو ويندو ❁ھڪ ھڪ عمل جو حساب ورتو ويندو ❁ان وقت جيڪڏھن اعمالنامي ۾ گناھ نڪري آيا، ❁انھن گناھن جي معافي نہ ملي سگھي، ❁گناھن جو پڙ وزني ٿي ويو تہ افسوس! جھنّم ۾ وڃڻو پئجي سگھجي ٿو ❁اھا وڏي باھ...!! جيڪا ھڏين ڪي بہ ساڙي ڇڏيندي ❁اھو جھنم جتي انن جي ڪنڌ جيڏا وڏا وڇون ھوندا

۞اهو جهنم جتي تمام سخت عذابَ هوندا، جيڪڏهن گناهن جي معافي نہ ملي تہ ان جهنم ۾ سڙڻو، عذابن ۾ گرفتار ٿيڻو پوندو پر قربان وڃو! فرمايو: هيءَ انوکو واپار ڪيو، دين جي جاني ۽ مالي خدمت ڪيو! توهان جا گناهہ بخشيا ويندا. جڏهن گناهہ بخشيا ويندا تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! جهنم کان ڇوٽڪارو بہ ملي ويندو ۽ جنّت ۾ داخلا بہ نصيب ٿي ويندي.

## انوکي واپار جو ٻيو انعام

ان انوکي واپار جو ٻيو انعام ڇا آهي؟ فرمايو:

وَ يُدْخِلْكُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ وَ مَسٰكِنَ

طَيِّبَةً فِيْ جَنّٰتِ عَدْنٍ ؕ ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿۱۲﴾ ( سيپارو: 28، سورة صف: 12)

ترجموڪنزُالعرفان: ۽ توهان کي انهن باغن ۾ داخل فرمائيندو جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون ۽ پاڪيزه رهائش گاهن ۾ جيڪي هميشہ رهڻ جي باغن ۾ آهن، اهائي تمام وڏي ڪاميابي آهي.

سُبْحٰنَ الله! اها جنّت جتي اهڙيون نعمتون آهن ۞جن کي نہ ڪنهن اک ڏٺو ۞نہ ڪنهن ڪنَ ٻڌو ۞نہ ڪنهن دل ۾ ان جو خيال گذريو ۞اها جنّت جتان جي ڪابہ شيءِ ننهن جي برابر هن دنيا ۾ ظاهر ٿي وڃي تہ آسمان ۽ زمين چمڪي پون ۞اها جنت جنهن جو هڪ ڪوڙو (يعني چابُڪ) رکڻ جو هنڌ سڄي دنيا ۽ ان جي نعمتن کان بهتر آهي ۞اها جنّت جنهن جون پٽيون سون ۽ چاندي جون، گارو مُشڪ جو، زمين زعفران جي، پٿريون موتي ۽ ياقوت جون آهن ۞اها جنت جنهن جون تمام نعمتون هميشہ هميشہ رهڻ واريون آهن، انهن تي ڪڏهن فنا ناهي. جيڪو ٻانهو هي انوکو واپار ڪري يعني دين جي جاني ۽ مالي خدمت ڪري،

ارشاد فرمايو: **ان کي جنّتن مان بہ اعليٰ جنّت يعني جنّتِ عدن ۾ مقام عطا ڪيو ويندو.**

## انوکي واپار جو ٽيون انعام

ان انوکي واپار جو ٽيون انعام جيڪو آهي، ان جي متعلق فرمايو:

وَاُخْرٰى تُحِبُّوْنَهَا ؕ (سيپارو: 28، سورة صف: 13 )

ترجموڪنزُالعرفان: ۽ (الله) توهان کي هڪ ٻي (نعمت ڏيندو) جنهن کي توهان پسند ڪيو ٿا.

يعني اُن انوکي واپار جو ٽيون انعام اهڙو آهي، جنهن جي طرف دليون جلدي مائل ٿينديون آهن اهو انعام ڪهڙو آهي؟ فرمايو:

نَصْرٌ مِّنَ اللّٰهِ وَفَتْحٌ قَرِیْبٌ ؕ (سيپارو: 28، سورة صف: 13 )

ترجموڪنزُالعرفان: (اها) الله جي مدد ۽ جلد ملڻ واري فتح (آهي).

يعني ان انوکي واپار جو ٽيون انعام هي آهي تہ دنيا ۾ الله پاڪ جي خاص مدد بہ نصيب ٿيندي ۽ عنقريب ڪاميابين سان بہ توهان کي نوازيو ويندو.

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! صرف 2 ڪم ڪرڻا آهن (1): ايمان هي الحمد لله! اسان کي پهريان کان ئي حاصل آهي (2): دين جي جاني ۽ مالي خدمت ڪرڻي آهي. بدلي ۾ جيڪو ڪجھ ملندو ان ۾ باقي ڇا رهجي ويو آهي؟ ❁دنيا ۾ الله پاڪ جي مدد بہ ملي ويندي ❁ڪاميابيون بہ نصيب ٿي وينديون ❁ آخرت جي ڳالھ ڪيون تہ گناهہ بہ معاف ڪيا ويندا ۽ ❁اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! جنّت ۾ داخلا بہ عطا ڪئي ويندي.

ڪاش! اسان کي توفيق ملي، اسان دين جي جاني مالي خدمت ڪرڻ وارا بڻجي وڃون. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّى الله عليهِ واٰلهٖ وسلَّم

## دين جي مالي خدمت ضرور ڪيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ گهرجي تہ دين جي لاءِ پنهنجون مالي خدمتون پيش ڪندا ڪيون. هي صرف ذهن بڻائڻ جي ڳالهہ آهي، دين جي راهہ ۾ مال ڏيڻ سان ڀانهو غريب ناهي ٿيندو بلڪ جيڪو الله پاڪ جي راهہ ۾ خرچ ڪندو آهي الله پاڪ ان کي ڪيئي ڀيرا وڌائي ڪري عطا فرمائيندو آهي. سيپارو: 2، سورت بقره، آيت: 245 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

مَنْ ذَا الَّذِیْ یُقْرِضُ اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا فَیُضٰعِفَهٗ لَهٗۤ اَضْعَافًا كَثِیْرَةً ؕ

(سيپارو: 2، سورة بقرة،245)

ترجموڪنزالعرفان: آهي ڪو جيڪو الله کي چڱو قرض ڏي تہ الله ان جي لاءِ ان قرض کي تمام گهڻو وڌائي.

سُبْحٰنَ الله! ڪهڙي پياري ڳالهہ آهي! مال ڏنل ڪنهن جو آهي؟ الله پاڪ جو. سرڪارِ غوثِ اعظم رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: اَنْتُمْ وُكَلَاءُ عَلٰى هٰذِهِ الْاَمْوَال توهان ان مال جا وڪيل آهيو.[1]

مثال طور اسان ڪنهن کي 200 روپيا ڏيون ۽ چئون تہ بازار مان فلاڻي شيءِ وٺي اچو! اهو شخص جنهن کي اسان پيسا ڏنا، اهو 200 جو مالڪ ناهي، وڪيل آهي، اها ئي شيءِ آڻي سگهي ٿو جيڪا اسان چئي آهي، اهڙيءَ طرح اسان سڀئي هن دنيا ۾ مال ۽ دولت جا مالڪ ناهيون بلڪ وڪيل آهيون، اصل مالڪ الله پاڪ آهي، وڪيل کان جيڪو مال واپس ورتو ويندو آهي اهو قرض ناهي هوندو، اهو تہ مالڪ جي شيءِ هوندي آهي جيڪا ان کي واپس ڏني ويندي آهي پر الله پاڪ جي عنايت، ان جي رحمت ۽ ڪرم نوازي ڏسو! ارشاد ٿيو:

مَنْ ذَا الَّذِیْ یُقْرِضُ اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا

(سيپارو: 2، سورة بقرة،245)

ترجموڪنزالعرفان: آهي ڪو جيڪو الله کي چڱو قرض ڏي

---

[1]...جَلَاءِ الخَوَاطِرْ، مجلس:حقوق الفقراء، صفحہ:110-

عُلماءِ ڪرام فرمائن ٿا: هن جڳهه راهِ خُدا ۾ اخلاص سان مال خرچ ڪرڻ کي قرض سان تعبير فرمايو ويو آهي، ان مان هيءَ ڳالهه دل ۾ ويهارڻ مقصود آهي ته جهڙيءَ طرح قرض ڏيڻ وارو اطمينان رکندو آهي ته ان جو مال ضايع ناهي ٿيندو ۽ اهو ان جي واپسي جو مستحق آهي، ائين ئي راهِ خُدا ۾ خرچ ڪرڻ واري کي اطمينان رکڻ گهرجي ته هو خرچ ڪرڻ جو بدلو يقيناً ماڻيندو ۽ اهو به معمولي نه

فَيُضٰعِفَهٗ لَهٗۤ اَضْعَافًا كَثِيْرَةً ؕ (سيپارو: 2، سورة بقرة،245)

ترجمو ڪنزُ العرفان: ته الله ان جي لاءِ ان قرض کي تمام گهڻو وڌائي.

## هڪ لک جي بدلي 20 لک

حضرت عثمان نَهدي رحمۃ اللہ علیہ تابعي بزرگ آهن، انهن کي ڪنهن ٻڌايو ته حضرت ابوهريره رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا: مومن ٻانهي کي هڪ نيڪي جي بدلي 10 لکَ نيڪيون ملنديون. (يعني جيڪڏهن هڪ روپيو راهِ خُدا ۾ صدقو ڪيو وڃي ته ثواب ۾ هي 10 لکَ پيرا هوندو) حضرت عثمان نَهدي رحمۃ اللہ علیہ مديني پاڪ حاضر ٿيا حضرت ابو هريره رضی اللہ عنہ کان پڇيائون: ڇا اوهان هي ارشاد فرمايو آهي؟ حضرت ابوهريره رضی اللہ عنہ فرمايو: مون هي ناهي چيو، مون ته هي چيو هو: الله پاڪ مومن ٻانهي کي هڪ نيڪي جي بدلي 20 لک پيرا عطا فرمائيندو آهي.[1]

سُبْحٰنَ الله! الله پاڪ جون ڪهڙيون ڪهڙيون ڪرم نوازيون آهن، مال به ان جو، ڏنو به ان، جيڪڏهن اسان انهيءَ جي راهه ۾ خرچ ڪيون مال به محفوظ، ثواب به اهڙو جو ڳڻپ ۽ حساب ۾ نه اچي سگهي.

## پاڻ کي هلاڪت ۾ نه وجهو!

الله اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! صدقي جي فضائل تي غُور فرمايو! جيڪو ٻانهو الله پاڪ جي عطا ڪيل مال کي الله پاڪ جي ئي راهه ۾ خرچ ڪري، الله پاڪ ان کي قرض فرمائيندو آهي ۽ ان تي اجر ڪيئي پيرا وڌائي ڏيڻ جو وعدو

[1]...رُوْحُ الْمَعَانِيْ، پاره:2، تحت الآية:245، جلد:1، صفحه:757-

بہ فرمائي رهيو آهي. پوءِ چا سبب آهي جو اسان انهيءَ جو ڏنل مال ان جي راهہ ۾ خرچ نہ ڪيون. اسان ڪي صدقو ۽ خيرات ڪرڻ گهرجي، دل کولي ڪرڻ گهرجي. ان ۾ اسان جي ئي ڀلائي آهي. اللّٰه پاڪ قرآنِ پاڪ ۾ فرمائي ٿو:

وَاَنْفِقُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَلَا تُلْقُوْا بِاَيْدِيْكُمْ اِلَى التَّهْلُكَةِ ۛ (سيپارو: 2، سورة بقرة: 195)

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ اللّٰه جي راهہ ۾ خرچ ڪريو ۽ پنهنجي هٿن سان پاڻ کي هلاڪت ۾ نہ وجهو ۽ نيڪي ڪريو بيشڪ اللّٰه نيڪي ڪرڻ وارن سان محبت فرمائيندو آهي.

يعني راهِ خُدا ۾ خرچ ڪرڻ بند ڪري يا گهٽ ڪري پاڻ کي هلاڪت ۾ نہ وجهو. روايتن ۾ آهي: انصار صحابہءِ ڪرام رضی اللہ عنہم صدقو ۽ خيرات ڪندا هئا، هڪ سال انهن کي تنگدستي جو منهن ڏسڻو پيو تہ انهن راهِ خُدا ۾ صدقو ۽ خيرات کي روڪي ڇڏيو، ان تي هيءَ آيتِ ڪريمہ نازل ٿي [1] ۽ فرمايو ويو تہ راهِ خُدا ۾ مال خرچ ڪرڻ بند ڪري پاڻ کي هلاڪت ۾ نہ وجهو!

پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو: راهِ خُدا ۾ خرچ نہ ڪرڻ هلاڪت جو سبب آهي ❁ظاهر آهي اسان صدقو ۽ خيرات نہ ڪنداسين تہ معاشري ۾ غربت وڌندي ويندي ❁غريبن ڪان ڪو پڇڻ وارو نہ رهندو ۽ بُکَ وڌندي غريبَ ويچارا تنگدستي جو شڪار ٿي ڪري خودڪشي جو رستو اختيار ڪندا ۽ ائين اسان جي معاشري ۾ ٿي بہ رهيو آهي ❁جيڪڏهن مالدار صدقو ۽ خيرات نہ ڪندا تہ مسجدن جو نظام ڪيئن هلندو؟ ❁مدرسا ڪيئن هلندا؟ ❁ٻار قرآن ۽ سُنت جي تعليم ڪيئن حاصل ڪري سگهندا؟ ❁اسان جي نسلن تائين دين ڪيئن پهچندو؟ ائين ئي ٻيون بہ ڪوڙ صورتون آهن تہ جيڪڏهن اسان صدقو ۽ خيرات ڪرڻ ڇڏي ڏيون تہ پاڻ هلاڪت جو شڪار ٿي سگهون ٿا.

---

[1]...تفسير صراط الجنان، پاره:2، سورۂ بقره،زيرِ آيت:195، جلد:1، صفحہ:309 -310 خلاصةً.

الله پاڪ اسان کي دل کولي ڪري صدقو ۽ خيرات ڪرڻ ۽ الله پاڪ جي ڏنل مال مان ان جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اچو! راهِ خُدا ۾ خرچ ڪرڻ جا فضائل ٻڌون ٿا:

## صدقو ڪرڻ سان ملائڪن جون دعائون ملنديون آهن

صحابيءِ رسول حضرت ابوهريرهرضی اللہ عنہ کان روايت آهي، فرمائن ٿا: الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم جن فرمايو: اهڙو ڪو ڏينهن ناهي جنهن ۾ ٻانها صبح ڪن ۽ 2 فرشتا نه لهن جن مان هڪ چوندو آهي: الٰهي! سخيءَ کي تمام سُنو عيوض ڏي ۽ ٻيو چوندو آهي: الٰهي! ڪنجوس کي بربادي ڏي.[1] هن حديث جي شرح ۾ مشهور مُفسرِ قرآن مُفتي احمد يار خان نعيمي رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: يعني سخي جي لاءِ دعا ۽ ڪنجوس جي لاءِ بد دعا روزانو فرشتن جي واتان نڪرندي آهي جيڪا يقيناً قبول آهي.[2]

## سڀ کان طاقتور شيءِ

پيارا اسلامي ڀائرو! ڇا اوهان ڄاڻو ٿا هن دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ طاقتور ۽ مضبوط شيءِ ڪهڙي آهي؟ حديثِ پاڪ ٻڌو! حضرت انس رضی اللہ عنہ کان روايت آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم جن ارشاد فرمايو: جڏهن الله پاڪ زمين کي پيدا فرمايو ته اها لڏڻ لڳي ته الله پاڪ جبلن کي ان ۾ کوڙي ڇڏيو جنهن سان زمين بيهي وئي، ملائڪ جبلن جي مضبوطي سان حيران ٿيا ۽ عرض ڪيائون: ۞اي الله پاڪ! ڇا تو جبلن کان به وڌيڪ مضبوط ڪا شيءِ پيدا فرمائي آهي؟ الله پاڪ فرمايو: ها! اهو لوهه آهي، ۞انهن عرض ڪيو: اي الله پاڪ! ڇا تو لوهه کان به وڌيڪ مضبوط ڪا مخلوق ٺاهي آهي؟ فرمايو ها! اها

---

[1] ...بخاری،کتاب الزکاۃ ،باب قول اللہ تعالیٰ:فاما من اعطی...الخ ،صفحہ:402 ،حدیث:1442-

[2] ...مرآۃ المناجیح، جلد:3 ،صفحہ:69-

باھ آھي. انھن عرض ڪيو: اي الله پاڪ! ڇا باھ ڪان بہ وڌيڪ طاقتور ڪا مخلوق پيدا فرمائي آھي؟ ارشاد ٿيو: اھو پاڻي آھي. انھن عرض ڪيو: اي الله پاڪ! ڇا ڪا مخلوق پاڻي ڪان بہ وڌيڪ طاقتور آھي؟ ارشاد فرمايو: اھا ھوا آھي. انھن عرض ڪيو: اي الله پاڪ! ڇا ھوا ڪان بہ ڌيڪ طاقتور ڪنھن مخلوق کي پيدا فرمايو آھي؟ الله پاڪ فرمايو: ھا! اھو انسان جڏھن ساڄي ھٿ سان صدقو ڪري تہ ان کي کاٻي ھٿ ڪان لڪائي.[1]

الله! الله! معلوم ٿيو: ھن دنيا ۾ سڀ ڪان وڌيڪ طاقتور ۽ مضبوط شيءِ اھو صدقو آھي جيڪو لڪائي ڏنو ويندو آھي. دنيا جي ڪا مضبوط ڪان مضبوط ترين شيءِ اھو ڪم ناھي ڪري سگھندي جيڪو ڪم ٻانھي جو ڏنل صدقو ڪري ويندو آھي.

## ڌوٻيءَ جي جان ڪيئن بچي؟

حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي زماني ۾ ھڪ ڌوٻي ھو جيڪو ماڻھن جا ڪپڙا پاڻ ۾ ملائي ڇڏيندو ھو، ماڻھن حضرت عيسيٰ عليہ السلام کي ان جي باري ۾ ٻڌايو تہ پاڻ عليہ السلام الله پاڪ جي بارگاھ عرض ڪيو: ياالله پاڪ! اُن کي ھلاڪ ڪَري ڇڏ، ھڪ ڏينھن اھو ڌوٻي پنھنجي معمول مطابق نڪتو، ان وٽ 3 مانيون ھيون ھڪ سوالي آيو تہ ان ھڪ ماني ان کي ڏئي ڇڏي، سواليءَ دعا ڏني: الله پاڪ توڪان آسماني آفتون دور ڪري، ڌوٻيءَ ان ڪان متاثر ٿي ڪري ان کي ٻي بہ ماني ڏئي ڇڏي، ان تي سواليءَ دعا ڏني: الله پاڪ توڪي تمام آفتن ڪان محفوظ رکي، ان ٽئين ماني بہ ڏئي ڇڏي، ان تي سائل ھڪ ٻي دعا ڏني تہ الله پاڪ توڪي توبھ جي توفيق عطا فرمائي. انھيءَ دوران ھڪ تمام وڏو نانگ ان جي پريءَ ۾ داخل ٿي چڪو ھو. جڏھن ڌوٻيءَ ڪپڙا ڪڍڻ جو ارادو ڪيو تہ نانگ ان کي ڏنگڻ چاھيو، ھڪ ملائڪَ انھيءَ وقت ان نانگ کي لوھ جو لغام وجھي ڇڏيو ۽ ڌوٻي سلامتي سان واپس اچي ويو. ماڻھن حضرت عيسيٰ عليہ السلام کي عرض ڪيو: اي

[1] ترمذی ،کتاب تفسیر القرآن ، صفحہ:776 ،حدیث:3369-

روحُ الله! اهو ڌوٻي تہ صحيح سلامت واپس اچي ويو! پاڻ عليہ السّلام ان کي گهرايو ۽ فرمايائون: تو کهڙي ڀلائي ڪئي آهي؟ تہ ان عرض ڪيو: مون 3 مانيون صدقو ڪيون آهن. پوءِ پاڻ عليہ السّلام ان نانگ کان پڇيو: تو هن کي قتل ڇو نہ ڪيو؟ نانگ عرض ڪيو: اي الله پاڪ جا نبي! الله پاڪ اوهان جي دعا قبول فرمائي ۽ مون کي هن کي هلاڪ ڪرڻ جي لاءِ موڪليو پر جڏهن هن ڌوٻيءَ سائل کي صدقو ڏنو تہ هڪ ملائڪ اچي ڪري مون کي لوهہ جو لغام وجهي ڇڏيو. ماڻهو ان ڳالهہ تي تمام گهڻو حيران ٿيا ۽ ڌوٻيءَ توبهہ ڪري ورتي.

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هي آهي صدقي جي طاقت...!! ڇا دنيا جي ڪا طاقت اچي تقدير کي ٽاري سگهي ٿي؟ نٿي ٽاري سگهي. صدقي ۾ الله پاڪ اهڙي طاقت رکي آهي جو تقدير کي بہ ٽاري ڇڏيندو آهي، بس! شرط اهو آهي تہ اخلاص سان هجي.

ميرا ہر عمل بس تيرے واسطے ہو | کر اِخلاص ايسا عطا ياالٰہی!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## صبح سوير صدقو ڏيندا ڪيو!

حضرت انس بن مالڪ رضی اللہ عنہ کان روايت آهي فرمائن ٿا: پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم فرمايو: صبح سويري صدقو ڏيو جو بلا صدقي کان اڳتي قدم ناهي وڌائيندي.[1]

هڪ شخص حضرت ابو هريره رضی اللہ عنہ جي بارگاھ ۾ حاضر ٿي ڪري چوڻ لڳو تہ منهنجو پٽ ساموندي سفر تي ويو آهي اوهان الله پاڪ کان ان جي لاءِ دعا فرمايو تہ پاڻ فرمايائون: ان جي طرفان صدقو ڏيو. ان وقت سمنڊ ۾ طوفان آيل

[1] ...سننِ ڪبرىٰ للبيهقى، ڪتاب الزڪاة، باب فضل من اصبح صائما...الخ، جلد:4، صفحہ:506، حديث:7831-

هو ۽ جهاز ٻڏڻ وارو هو، جڏهن ان شخص پٽ جي طرفان صدقو ڏنو ويو تہ هڪ چوڻ واري کي هي چوندي ٻڌو ويو: اي سوارؤ! توهان جي لاءِ سلامتي آهي بيشڪ الله پاڪ فديو قبول فرمائي ورتو.[1]

## صدقو ڪرڻ جا فضائل ۽ ثوابَ

پيارا اسلامي ڀائرو! ❀صدقو ۽ خيرات ڪرڻ اسان جي پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صلّى الله عليه واله وسلّم جي عظيم سنّت آهي، پاڻ ڪريم صلّى الله عليه واله وسلّم جي جود و سخا واري در تان ڪوبہ سوالي خالي هٿ نہ موٽندو هو.[2] ❀صدقو گناهن کي ائين مٽائي ڇڏيندو آهي جيئن پاڻي باھ کي وسائي ڇڏيندو آهي.[3] ❀صدقو جهنم جي باھ کان بچائيندو آهي حديثِ پاڪ ۾ آهي جيڪو الله پاڪ جي رضا جي لاءِ صدقو ڪري تہ اهو صدقو ان جي ۽ باھ جي وچ ۾ پردو بڻجي ويندو آهي[4] ❀ صدقو الله پاڪ جي غضب کي وسائيندو ۽ بُري موت کي دفع (يعني دور) ڪندو آهي[5] ❀فرمانِ مصطفيٰ صلّى الله عليه واله وسلّم: صدقو ڏيڻ ۾ جلدي ڪيو جو بلا صدقي کي ناهي اورانگهيندي[6] ❀صدقو ڪرڻ وارو قيامت جي ڏينهن پنهنجي صدقي

---

[1]...نزہۃ المجالس،باب فضل الصدقہ،صفحہ:14-

[2]... فيضانِ سخی سرور،صفحہ:6-

[3]...ابنِ ماجہ ، کتاب الفتن ،باب کف اللسان فی الفتنہ ،صفحہ:649 ، حديث:3973 -

[4]...معجمِ کبير ،جلد:10 ،صفحہ:409 ،حديث:20584-

[5]...ترمذی، کتاب الزکاۃ، باب ما جاء فی فضل الصدقہ،صفحہ:189،حديث:664 -

[6]...مشکاۃ المصابيح، کتاب الزکاۃ، باب الانفاق وکراھيہ ...الخ،جز:1 ،جلد:1 ،صفحہ:359 ،حديث:1887-

جي چانوَ ۾ هوندو[1] صدقو بُرائي جا 70 دروازا بند ڪندو آهي[2] صدقو قبر جي گرمي کان بچائيندو آهي[3] مسلمان جو صدقو ان جي عُمر کي وڌائيندو آهي[4] الله پاڪ صدقي جي برڪت سان تڪبر کي دور ڪندو آهي[5] صدقو 70 قسمن جي بلائن کي روڪيندو آهي جن مان ننڍي مان ننڍي بَلا بدن بگڙجڻ ۽ اڇا داغ آهن.[6]

## دعوتِ اسلامي جون ديني خدمتون

پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان جي پنهنجي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي، 80 کان وڌيڪ شعبن ۾ دين جي خدمت ڪرڻ ۾ مصروف آهي. الحمدلله! ڪنزُالمدارس بورڊ جي نالي سان دعوتِ اسلامي جو پنهنجو تعليمي بورڊ آهي تقريباً 16 هزار 500 کان وڌيڪ جامعات ۽ مدارسُ المدينہ (بوائز اينڊ گرلز) قائم آهن، جن ۾ حفظ ۽ ناظره عالم ڪورس (درسِ نظامي)، مختلف تخصصات (*Specialization*) فرائض علوم ڪورسز ڪرايا ويندا آهن جامعات ۽ مدارس المدينہ (بوائز ۽ گرلز) شاگردن جي تعداد تقريباً 5 لک 23 هزار آهي. وڏي عمر جي اسلامي ڀائرن ۽ ڀينرن کي قرآنِ ڪريم جي تعليم ڏيڻ لاءِ هاڻي تائين تقريباً 68 هزار کان وڌيڪ مدارس المدينہ بالغان ۽ بالغات قائم ڪيا ويا آهن جن ۾

---

[2] ...سننِ کبری للبیھقی،کتاب الزکاۃ ، باب التحریض علی...الخ ،جلد:4 ،صفحہ:379 ،حدیث:7751-

[2] ...معجمِ کبیر،جلد:3 ،صفحہ:148 ،حدیث:4276-

[3] ...شُعَبُ الْاِیمان،جلد:3 ،صفحہ:212 ،حدیث:3347-

[4] ...معجمِ کبیر ،جلد:6 ،صفحہ:440،حدیث:13508-

[5] ...معجمِ کبیر،جلد:6 ،صفحہ:440 ،حدیث:13508-

[6] ...تاریخِ بغداد،جلد:8 ،صفحہ:204 -

پڙهندڙن جو انگ تقريباً 4 لک آهي. ❁ فيضان آن لائن اڪيڊمي جي ذريعي تقريباً 24 هزار شاگرد ۽ شاگردياڻيون ديني تعليم حاصل ڪري رهيا آهن.❁ هاڻي تائين تقريباً 21 دار الافتاء اهل سنت قائم ڪيا ويا آهن، جن ۾ شرعي رهنمائين جو تعداد ماهوار اوسطاً 20 هزار آهي. ❁المدينة العلميہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر) جي ذريعي ديني لٽريچر تي تحقيقي ڪم ڪيو وڃي ٿو، الحمدُ الله! هن شعبي هيٺ هاڻي تائين 1784 ڪتاب ۽ رسالا تيار ٿي چڪا آهن، هن شعبي ۾ ڪيئي مدني علماءِ ڪرام خدمتون سر انجام ڏين ٿا، الله پاڪ جي ڪرم سان دعوتِ اسلامي انهن مدني عالمن کي باقاعده پگهارون ڏيندي آهي. ❁دعوتِ اسلامي ديني ڪتابن جي اشاعت لاءِ "مڪتبة المدينہ" نالي پنهنجو اشاعتي ادارو قائم ڪيو آهي، جتي بهترين ۽ خوبصورت انداز ۾ ڪتاب شايع ڪيا ويندا آهن. هتي مختلف ڪتاب ۽ رسالا مفت تقسيم ڪرڻ جو بہ سلسلو ٿيندو آهي ۽ ڪتاب فروخت بہ ٿيندا آهن. ❁دعوتِ اسلاميءَ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پنهنجن ديني ڪمن کي ڦهلائڻ لاءِ مڪمل تنظيمي نظام قائم ڪيو آهي، جنهن ۾ ذيلي حلقن کان وٺي مرڪزي مجلس شورا تائين هڪ جامع نظام موجود آهي، هر شهر ۽ ڳوٺ ۾ ذميوار مقرر ٿيل آهن. ❁عاشقانِ رسول جي تربيت ڪري، انهن کي ملڪ ۽ پرڏيهہ ۾ ديني ڪمن لاءِ موڪليو ويندو آهي. انهن کي باقاعدي پگهار ڏني ويندي آهي تہ جيئن هو ڪنهن فڪر کان آزاد ٿي دين جي خدمت ڪري سگهن ❁دعوتِ اسلامي مختلف ميڊيا پليٽ فارمز جي ذريعي بہ دينِ اسلام جي خدمت ۾ مصروف آهي. مثلاً ❁پرنٽ ميڊيا(يعني ماهوار فيضان مدينہ، جيڪو 7 مختلف ٻولين ۾ شايع ٿيندڙ هڪ وڏي اشاعت وارو ماهوار آهي. ❁سوشل ميڊيا جيئن يوٽيوب، فيس بڪ، انسٽاگرام ۽ ٻين پليٽفارمن تي تقريباً 100 اڪائونٽس آهن، جن تي تقريباً 64.1 ملين (6 ڪروڙ 41 لک) فالورز آهن، جڏهن تہ ڏسندڙ جي تعداد بلينز (*Billions*) يعني 100 ڪروڙ کان بہ مٿي آهي. ❁ ۽ مدني چينل اردو، انگريزي،

بنگالي، پارن جو مدني چينل، بزرگن جو مدني چينل ۽ عربي ويب چينل جي ذريعي دين جي خدمت ڪئي ويندي آهي. ❁آئي ٽي شعبو پڻ سرگرم آهي، جتي هاڻي تائين 32 موبائل ايپليڪيشن ۽ 40 اسلامي ويب سائيٽون لانچ ڪيون ويون آهن، جن ذريعي اسلام جي تعليمات کي دنيا ڀر ۾ ڦهلايو پيو وڃي. ❁سڄي دنيا ۾ مسلمانن جي خير خواهي لاءِ ايف جي آر ايف جو شعبو قائم آهي، جنهن تحت هن وقت تائين❁ 30 لک کان وڌيڪ ٻوٽا لڳايا ويا آهن. ❁تقريباً 60 لک ماڻهن کي امداد فراهم ڪئي وئي آهي. ❁ 5 هزار کان وڌيڪ گهرن جي تعمير ڪئي وئي آهي❁ 75 هزار کان وڌيڪ خون جي بوتلون عطيو ڪيون ويون آهن. ❁ هيلٿ ڪيئر سينٽر ۾ هن وقت تائين 32 هزار کان وڌيڪ مريض وزٽ ڪري چڪا آهن.

انهن سيني ڪمن ۽ دعوتِ اسلاميءَ جي مختلف ديني ۽ فلاحي ڪمن کي جاري رکڻ لاءِ دعوت اسلامي جا اربين روپين جا خرچ آهن. انهن خرچن کي پورو ڪرڻ لاءِ اِنْ شَآءَاللہُ الْکَرِیْم 3 **نومبر** 2024 تي هڪ ٽيلي ٿون منعقد ٿي رهيو آهي، جنهن جو هڪ يونٽ 10 **هزار پاڪستاني روپين** جو آهي.

توهان پنهنجا عطيات دعوتِ اسلاميءَ کي ڏيو، توهان جو چندو يعني **ڊونيشن** ڪنهن به جائز، ديني، اصلاحي، فلاحي، روحاني، خيرخواهي، ڀلائي، ۽ آمدني وڌائڻ جي جائز ۽ محفوظ ڪم ۾ لڳايو ويندو، تہ جيئن وڌندڙ خرچن کي پورو ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي.

دعوتِ اسلامی کی قَیُّوم، سارے جہاں میں مچ جائے دُھوم
اس پہ فدا ہو بچہ بچہ یااللہ! مری جھولی بھر دے

## دعاءِ عطار

جيڪو ٽيلي ٿون ۾ حصو شامل ڪري، شيخ طريقت، اميرِ اهلِ سنت دامت برکاتہم

العالیہان کي دعائن سان بہ نوازيو آهي. پاڻ دعا فرمائي: يارَبّ مصطفيٰ! 3 نومبر 2024 تي جيڪو دعوتِ اسلامي جي ديني ڪمن لاءِ فنڊ گڏ ڪرڻ لاءِ ٽيلي ٿون جو سلسلو ٿي رهيو آهي، ياالله! انهن ۾ يا هاڻي ڪان جيڪو بہ حصو ملائي، گهٽ ۾ گهٽ 1 يونٽ جمع ڪرائي، يا ڪنهن کي ان جي ترغيب ڏي، يا ان لاءِ پيچ ڊِڪ ڪري. اي الله پاڪ! ان کي ايستائين موت نہ ڏي، جيستائين تنهنجي پياري حبيب صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم جو خواب ۾ جلوو نہ ڏسي وٺي، ۽ ان کي ماءُ پيءُ سميت بغير حساب مغفرت سان مشرف فرماءِ.

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هڪ ڏينهن راهِ خُدا ۾

پيارا اسلامي ڀائرو! قرآن و سنت جي خدمت ڪرڻ، دينِ اسلام جي ترويج ۽ اشاعت ڪرڻ، سنتن کي عام ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو! 12 ديني ڪمن ۾ بہ خوب جوش ۽ جذبي سان حصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ڪوڙ برڪتون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هڪ ڏينهن راهِ خُدا ۾ بہ آهي.

❁ موجوده دور جي عظيم علمي ۽ روحاني شخصيت اميرِ اهلسنت مولانا محمد الياس قادري دامت برکاتھم العالیہ اسان کي هي مدني مقصد ڏنو آهي ”مون کي پنهنجي ۽ سجي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي.“ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!

❁ دعوتِ اسلامي وارا عاشقانِ رسول هن مقصد کي پورو ڪرڻ جي لاءِ ڳوٺ، شهر جي اطراف، نيو سوسائٽيز ۽ شهر جا اهڙا علائقا جتي ديني ڪمَ ڪمزور آهن اتي وڃي ڪري نيڪي جي دعوت عام ڪندا آهن ❁ ڪنهن بہ ڏينهن خاص ڪري جمعي يا آچر جي ڏينهن اسلامي ڀائر انهن علائقن ۾ ويندا آهن ❁ اتي مسجد ۾ نفلي اعتڪاف ٿيندو آهي ❁ نيڪي جي دعوت عام ڪئي ويندي آهي ❁ اوهان بہ ايندا ڪيو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! علمِ دين سکڻ جي لاءِ ملندو ❁

نيڪي جي دعوت جو ثواب نصيب ٿيندو ❀ راهِ خُدا ۾ نڪرڻ جي سعادت ملندي ❀ حديثِ پاڪ جو خلاصو آهي: جيڪي قدم راهِ خدا ۾ خاڪ آلود ٿين، انهن کي جهنم جي باهه نه ڇُهندي[1] ❀ جيڪو شخص اللّٰه پاڪ جي رضا جي لاءِ پنهنجي مسلمان ڀائرن وٽ شهر جي اطراف ۾ وڃي، حديثِ پاڪ ۾ ان جي لاءِ جنّت جي بشارت آئي آهي.[2]

## اسان ته بَس دعوتِ اسلامي جا ٿي ڪري رهجي وياسين

هڪ اسلامي ڀاءُ جو چوڻ آهي ته دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿيڻ کان پهريان عام نوجوانن جيان غفلت جي زندگي گذاري رهيو هيس، منهنجي قسمت جو تارو ايئن چمڪيو جو هڪ ڏينهن اسان جي علائقي ۾ ڪجهه اسلامي ڀائرَ آيا، انهن مان هڪ اسلامي ڀاءَ مونکي ان ديني ڪم ۾ شرڪت جي دعوت ڏني، لهٰذا مان به ڪجهه دوستن سان گڏ شامل ٿي ويس، واپس ويندي هڪ اسلامي ڀاءَ هفتيوار اجتماع جي دعوت ڏني ته اسان عرض ڪيو: جيڪڏهن ياد رهيو ته اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ضرور شرڪت ڪنداسين. بهرحال اسان اجتماع ۾ شرڪت ڪئي، اتي انهيءَ اسلامي ڀاءَ سان ملاقات ٿي جنهن اسان کي اجتماع جي دعوت ڏني هئي، اهي ايتري قدر اخلاق سان پيش آيا جو اسان ته بَس دعوت اسلامي جا ئي ٿي وياسين. منهنجو ته جڻ زندگي جو انداز ئي مٽجي ويو، نمازن جي پابندي نصيب ٿي، ڪانن جي جاءِ نعت شريف ورتي، چهري تي ڏاڙهي ۽ مٿي تي عمامو شريف سجائي ورتو، ايئن دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي ويس.

عطائے حبیبِ خدا دینی ماحول | ہے فَیضانِ غوث ورضا دینی ماحول
تُو داڑھی بڑھا لے عمامہ سجا لے | نہیں ہے یہ ہرگز بُرا دینی ماحول

[1]... مسند امام احمد،جلد:6، صفحه:507، حديث:16356-

[2]... معجم اوسط،جلد:1، صفحه:472، حديث:1743-

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مدني چينل موبائل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمد لله! دعوتِ اسلامي جديد ٽيڪنالوجي ذريعي بہ مختلف انداز سان نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مصروف عمل آهي، ان سلسلي ۾ الحمد لله! دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ عاشقانِ رسول جي سهولت جي لاءِ نهايت ئي پياري ۽ فائدي مند موبائل ايپلي ڪيشن بنام: مدني چينل (***Madani Channel***) لانچ ڪئي آهي ❀ هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي مدني چينل جو مختصر تعارف ۽ مدني چينل تي نشر ڪيا ويندڙ پروگرامن جو شيڊيول معلوم ڪري سگهو ٿا ❀ هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي مدني چينل تي هلڻ وارا مُفتيان ڪرام ۽ مُبلغين جا ڪوڙ معلوماتي پروگرام ڏسي ۽ ٻڌي سگهجن ٿا ❀ هن ايپلي ڪيشن جي وڏي خصوصيت هيءَ آهي تہ هاڻي اردو سان گڏوگڏ انگلش ۽ بنگالي زبان ۾ بہ علمِ دين جو فيضان عام ڪيو پيو وڃي ۽ ❀ ايپلي ڪيشن ۾ مدني چينل لائيو وڊيو اسٽريمنگ (***live video streaming***) کي ڏسڻ سان گڏوگڏ ريڊيو فيچر جي ذريعي آڊيو بہ ٻڌي سگهوٿا ❀ريڊيو مدني چينل تي❀ تلاوتِ قرآن مجيد ❀قرآنِ پاڪ جو ترجمو ❀مدني مذاڪرا ❀فرض علوم ❀نعت شريف ۽ ❀اسلامي بيانات وغيره بہ ٻڌي سگهو ٿا.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪجھ ضروري اعلانات

❀ هر هفتي اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي لائيو هفيوار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، ايندڙ ڇنڇر تي بہ رات جي وقت مدني چينل تي اِنْ شَآءَ

اللهُ الْكَرِيْم! هفيوار مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت مولانا الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جوابَ بہ عنايت فرمائيندا. تمام ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي بہ هن جي دعوت ڏين ❀ شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهن جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالو "خوفِ خُدا وارن جي نماز" جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو! ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو ۽ سوشل ميڊيا مثال طور واٽس ايپ وغيره تي رضاءِ الاهي ۽ ثواب جي لاءِ ٻين کي بہ شيئر (*Share*) ڪيو! ❀ صدقو ڏيڻ اهڙو عمل آهي، جنهن سان ڪيئي مُشڪلات حل ٿينديون، بيماريون دور ٿينديون، دعائون قبول ٿينديون ۽ سڀ کان وڌي ڳالهہ الله پاڪ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رضا حاصل ٿيندي آهي. صدقو ڪرڻ جو ذهن حاصل ڪرڻ ۽ ان جي متعلق مسئلن جي معلومات جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو رسالو "صدقي جو انعام" مڪتبةُ المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان 55 روپيا قيمت ڏئي حاصل ڪيو، هن ڪتاب کي پاڻ بہ پڙهو! ۽ ٻين کي بہ هن جي ترغيب ڏياريو! ❀ ربيع الثاني جي مبارڪ مهيني جي مناسبت سان مجلس تقسيمِ رسائل پيش ڪري رهي آهي فيضانِ غوثيہ پيڪج، هي پيڪج مڪتبةُ المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان 200 روپيا قيمت ڏئي طلب فرمايو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏي آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهہ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون

سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## ”گھروارن تي خرچ“ سنّتِ مصطفيٰ آهي

2 فرامينِ مصطفيٰ صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم: (1): قيامت جي ڏينهن ميزانِ عمل تي سڀ کان پهريان بانهي جو پنهنجي گهروارن تي خرچ ڪيل مال رکيو ويندو.[2] (2) جيڪو ثواب جي نيت سان پنهنجي اهلِ خانہ تي خرچ ڪري تہ اهو ان جي لاءِ صدقو آهي.[3]

اي عاشقانِ رسول! اهلِ خانہ تي خرچ ڪرڻ سنّتِ مصطفيٰ آهي ❁پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم پنهنجي گهروارن تي خرچ فرمائيندا هئا ❁ حديثِ پاڪ جي مطابق هجرت کان پوءِ هڪ وقت اهو بہ آيو جو رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم پنهنجي گهروارن جي لاءِ سال جو اناج جمع فرمائي ڇڏيندا هئا.[4]

هن حديثِ پاڪ جي حوالي سان مشهور مُفسرِ قرآن مُفتي احمد يار خان نعيمي رحمۃُ اللہ علیہ جيڪا شرح بيان ڪئي، ان جو خلاصو آهي تہ هي يعني سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جو سڄي سال جي لاءِ اناج جمع فرمائي ڇڏڻ، بنو نُضير جو قلعو فتح ٿيڻ کان بعد جي ڳالھ آهي. هي بہ خيال رهي تہ حضور اڪرم صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جيتوڻيڪ سڄي سال جو اناج جمع فرمائيندا هئا پر

---

[1]...مشكوٰة،كتابُ:الإيمان،بابُ:الْاِعْتِصَام، جلد:1، صفحہ:55، حديث:175-

[2]...معجم الاوسط ،جلد:4، صفحہ: 329، حديث: 6135-

[3]...مسلم ،ڪتا ب :الزكاة، صفحہ:502، حديث:1002-

[4]...احياء العلوم، ڪتاب: توحيد، جلد: 4، صفحہ:343-

ازواج مطهرات ڪثرت سان صدقو ۽ خيرات ڪنديون هيون، سڄي سال جو اناج جلدي ختم ٿي ويندو ۽ نوبت فاقن تائين پهچي ويندي هئي.[1]

بھوکے رہتے تھے خود اوروں کو کھلا دیتے تھے | کیسے صابِر تھے مُحَمَّد کے گھرانے والے

رسولِ پاڪ صَلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم جو سڄي سال جو اناج جمع فرمائڻ ان ڪري آهي ته جيئن هي عمل امت جي حق ۾ سنّت بڻجي وڃي، پاڻ ڪريم صَلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم جا اهلِ خانه ڪمزور دل جا نه هئا (بلڪ اهي حضرات الله پاڪ تي ڪامل ڀروسو رکڻ وارا هئا).[2]

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مکتبةُ المدينه جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دامت برکاتھم العالیہ جو 91 صفحات جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر به آهي.

اُلفتِ مصطفٰے اور خوفِ خدا | چاہئے گر تمہیں قافلے میں چلو
گر مدینے کا غم چاہئے چشمِ نم | لینے یہ نعمتیں قافلے میں چلو (3)

الله پاڪ اسان کي عَمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

[1]...مرآةُ المناجِيْح، جلد:5، صفحه:949.
[2]...احياء العلوم، ڪتاب: توحيد، جلد: 4، صفحه:343.
[3]...وسائل بخشش، صفحہ:669.

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. [2]

### ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

---

[1] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(1)

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رحمۃ اللہ علیہ ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا ھن دُرُود شريف کي ھڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(2)

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صلی اللہ علیہ وسلم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

ھڪ ڏينهن ھڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رضی اللہ عنہ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رضی اللہ عنہم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اھڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. (3)

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

---

1... القول البديع، الباب الثانی، ص277

2... افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الثانیۃ والخمسون، ص149

3... القول البديع، الباب الاول، ص1254

شافع امم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. (1)

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰہُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا ھُوَ اَھْلُہٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رضی اللہ عنہما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. (2)

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (3)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

1... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

2... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

3... ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455